# صابوسڻ، سانڪر، ڪرمتياڻي، ڪونڪر، جنگشاهي ۽ آري پير ننڍن ڊيمن جي
# ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو





سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (آبپاشي کاتو)

جولاءِ 2018

سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ
آبپاشي کاتو حڪومت سنڌ

# صابوسڻ، سانکر، ڪرمتياڻي، ڪونڪر، جنگشاهي ۽ آري پير ننڍن ڊيمن جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو

سنڌ حڪومت ، عالمي بئنڪ جي مالي سهائتا سان سنڌ آبپاشي کاتي ۽ صوبائي قدرتي آفتن جي انتظام ڪاري واري کاتي جي مدد ذريعي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ شروع ڪيو آهي. ايس آر پي پروجيڪٽ جي آبپاشي واري حصي جي عملي ڪمن ۾ سنڌو درياء جي موجوده زميني بندن جي بهتري/بحالي ۽ صوبي جي پاڻي جي کوٽ وارن علائقن ۾ مينهن جي پاڻي تي ننڍا ڊيم تعمير ڪرڻ شامل آهن. ايس آر پي منصوبي جي عملدرآمد جي پهرئين سال ۾ سنڌ حڪومت مينهن جي پاڻي تي 6 ننڍا ڊيم ٺاهڻ جي منصوبي تي عمل ڪري پئي جنهن ۾ ٿرپارڪر ضلعي جي ننگرپارڪر واري علائقي ۾ صابوسڻ ۽ سانکر، ملير ضلعي ۾ ڪرمتياڻي ۽ ڪونڪر، ٺٽي ضلعي ۾ جنگ شاهي ۽ ڄامشوري ضلعي جي هيٺئين ڪوهستان ۾ آريپير شامل آهن.

ايس آر پي پروجيڪٽ هيٺ تجويز ڪيل ڪمن جي ممڪن منفي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي/صوبائي ضابطي جي گهرجن ۽ عالمي بئنڪ جي تحفظ واري پاليسين جي تحت ماحولياتي ۽ سماجي تجزيو ڪيو ويو. ماحولياتي ۽ سماجي تجزئي جي چيڪ لسٽ تحت ذيلي منصوبن جي ماحولياتي درجابندي ڪئي وئي. ذيلي منصوبن جي ڪري گهٽ کان وچٿري سطح جا ماحولياتي ۽ سماجي اثر ٿي سگهن ٿا. ان سبب ماحولياتي درجابندي جي معيار جي بِئي درجي ۾ اچن ٿا، اها درجابندي منصوبي لاءِ تيار ڪيل ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي خاڪي (اِي ايس ايم ايف) واري دستاويز تحت جڙيل آهي ۽ عالمي بئنڪ کان منظور ٿيل آهي. جنهن سبب ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي رٿا عالمي بئنڪ جي بِئي درجي جي منصوبن جي گهرجن موجب تيار ڪئي وئي تہ جيئن سنڌ رزيليئنس پروجيڪٽ جي پهرئين سال منصوبي تي عملدرآمد ٿي سگهي.

موجوده ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي رٿا (اِي ايس ايم پي) ذيلي منصوبن جي علائقن جي موجوده حياتياتي، سماجي ۽ معاشي ۽ ماحولياتي صورتحال بابت ڄاڻ ڏئي ٿي. اهو منصوبي جي عملدرآمد ۽ ڪم ڪار دوران پوندڙ منفي ماحولياتي ۽ سماجي اثرن کي ڪنهن حد تائين گهٽ يا ختم ڪرڻ لاءِ طريقيڪار مهيا ڪري ٿو.

ذيلي منصوبن جا علائقا سنڌ جي ڪوهستان ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ واقع آهن. ڪوهستان ڪيرٿر جي حد جو جابلو علائقو آهي، جيڪو زميني علائقن ۽ پٿريلي ٽڪرين تي مشتمل آهي ۽ چوڏاري جبل آهن. جبلن جو مٿاڇرو سڌو ۽ پٿريلو حصو بغير ڪنهن وڻ ٽڻ جي آهي. جبل ۽ ٽڪرين جي وچ واري وادي اونهاري ۾ جون کان آگسٽ تائين پوندڙ مينهن ۾ گاهه سان سائي ٿي ويندي آهي. جنهن سبب ان ۾ فصل پوکڻ جي قابليت ظاهر ٿيندي آهي. ڪوهستان ضلعي مان سوين ننڍيون نئيون نڪرن ٿيون جيڪي ميداني علائقن ڏانهن پاڻي وهائين ٿيون جتي مقامي هاري زمين کي پوسل ڏيڻ لاءِ نئين ۽ ننڍين ڊِنڊن کي ڪٽ هڻدا آهن تہ جيئن فصلن پوکي سگهجن. منصوبي واري علائقي جا مقامي رهاڪو پڻ زراعت لاءِ مٿاڇري کان هيٺ ۽ جر جو پاڻي استعمال ڪن ٿا ۽ ڪوهستان جي مختلف علائقن ۾ ان جي گهرائي سٽر کان ٽي سو پنجاهه فوٽ تي تائين آهي. جيڪڏهن ٻن سالن تائين مينهن

نہ پوي تہ جر سڪي ويندو آهي جنهن جي ڪري مقامي ماڻهو ڪنهن بہ قسم جو فصل پوکي نہ سگهندا آهن. ڪوهستاني علائقن ۾ تجويز ڪيل ننڍن ڊيم جي تعمير سان ڊگهي عرصي تائين جر جي پاڻي کي دستياب ڪري سگهجي ٿو. ڊيمن ۾ ذخيرو ڪيل پاڻي ويجهن علائقن جي چوپائي مال لاءِ پيئڻ جي پاڻي جي سهولت مهيا ڪري سگهي ٿو. اهو تعميراتي ڍانچو ٻوڏ جي شدت کي گهٽ ڪندو جيڪو زرخيز زمين کي نہ صرف ڪلر کان بچائيندو پر ان سان عوامي سهولتن جهڙوڪ لنڪ روڊ، بجلي جي ٿنڀن ۽ مقامي ماڻهن جي آبادين جا نقصان بہ گهٽ ٿيندا. ڪوهستان جي ذيلي منصوبي واري علائقي ۾ چار ڊيم تجويز ڪيل آهن جيڪي(1) ڪرمتياڻي (2) ڪونڪر (3) جنگ شاهي جيڪي ملير ۽ ٺٽي ضلعي ۾ اچن ٿا ۽ (4) آري پير ڄامشوري ضلعي ۾ آهي. ڪوهستان ريجن جا ڪل 256 گهراڻا 2520 مرد ۽ عورتن جي آبادي منصوبي جي ڪمن مان مستفيد ٿيندي.

ٿرپارڪر غير آباد ريگستان واري علائقي ۾ اچي ٿو، ان علائقي ۾ پاڻي جي کوٽ آهي ۽ زمين جي مٿاڇري تي ننڍا ٻوٽا ۽ جهاڙيون آهن. زمين جو مکيہ حصو گاھ سان ڍڪيل آهي جنهن ۾ چوپائي مال لاءِ لذيذ ۽ طاقتور چارو ٿئي ٿو. ٻبر، ٽالهي، نم، ڄار ۽ ڪيڪڙ علائقي جا ڪجھ ٻيا اهم وڻ/جهاڙيون آهن.

ذيلي منصوبي واري علائقن ۾ پاڻي جو اهم ذريعو موسمي گهم آهي جيڪا جر جي پاڻيءَ کي ايپاري ٿي ۽ مٿاڇري تي ساوڪ جي تھ ۽ جانورن جي چاري لاءِ گاھ وڌي ٿو. جنهنڪري جر جو پاڻي وڌي ٿو ۽ جانورن لاءِ گاھ پيدا ڪري ٿو. ذيلي منصوبي واري علائقي جي ڪجھ حصن ۾ مينهن جي پاڻيءَ سبب ٿيندڙ پوسل کي مقامي فصل پوکڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. مينهن جو پاڻي مختلف نئين ۾ وهي ٿو جيڪو اڳيان سمنڊ ۾ وڃي پوندو آهي يا وري هندستان جي قبضي هيٺ ڪڇ واري رڻ جي علائقي ۾ وڃي پوندو آهي. پيئڻ جي پاڻي جو اهم وسيلو ڪوٽيل کوھ آهن انهن جي گهرائي ٿرپارڪر جي مختلف حصن ۾ 20 کان 30 فوٽ آهي. پاڻي جو ٻيو موسمي ذريعو روايتي هٿرادو تلاءَ آهن جيڪي زمين کوٽي ناهيا ويندا آهن ۽ اهي مينهن جي مند ۾ مينهن جي پاڻي سان ڀريا ويندا آهن اهي تلاءَ 2 کان 6 مهينن تائين جانورن ۽ انسانن لاءِ پاڻي مهيا ڪندا آهن. اهي جر ۽ کوهن جو پاڻي تازو رکڻ ۾ پڻ مدد ڪندا آهن. عورتون سراسري موجوده زميني تلائن مان پاڻي ڀرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺن کان اٽڪل 2 کان 3 ڪلوميٽر تائين پنڌ ڪري وينديون آهن. ننگرپارڪر ريجن ۾ 2 ننڍا ڊيم تجويز ڪيا ويا آهن. (1) صابوسڻ ڊيم ۽ سانڪر ڊيم. اهي ٻئي ڊيم ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي ننگرپارڪر ۾ آهن. تجويز ڪيل ٻئي ڍانچا پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوٽ جو مسئلو حل ڪندا ۽ ڪنهن حد تائين مقامي ماڻهن جي پيئڻ لاءِ منو پاڻي بہ سال ۾ گهٽي وقت لاءِ موجود هوندو. ٿرپارڪر ريجن ۾ ڪل 160 گهراڻا جنهن ۾ 1211 مرد ۽ عورتون شامل آهن منصوبي جي ڪمن مان فائدو حاصل ڪندا.

جيئن تہ ذيلي منصوبن لاءِ ڪابہ خانگي زمين گهربل نہ آهي چو تہ نئيون ۽ نالا (مينهن جي پاڻي وارا درياءَ/وهڪرا) حڪومت جي ملڪيت آهن تنهن ڪري نہ ڪنهن عمارت کي ڊاهيو ويندو ۽ نہ ئي ڪنهن کي منتقل ڪرڻ جي ضرورت ٿيندي. جيئن تہ ذيلي منصوبا گهٽ آبادي وارن علائقن ۾آهن ۽ آبادي پکڙيل آهي. ان هوندي بہ خانگي يا سرڪاري غيرآبادزمين

جي وقتي استعمال سبب ڪيمپ جي تعمير/عارضي سامان جي نيڪالي، ٻاهرين مزدورن جي اچڻ، پوک جو نقصان، رهائشي گند ڪچرو، مزدورن ۽ ڳوٺاڻن جا روزگار سان جڙيل صحت ۽ حفاظت جي مسئلن سبب سماجي ۽ ماحولياتي اثر ٿي سگهن ٿا.

تعميرات سان لاڳاپيل اثرن جيئن هوا جي آلودگي، گوڙ ۽ ڳوٺاڻن جي وسيلن جي صحيح استعمال ڪي احتياطي اپائن جي مناسب عملدرآمد سان گهٽ ڪيو ويندو. وڌيڪ ته ذيلي منصوبن هيٺ ڊيمن جو نهڻ منصوبي واري علائقي جي نباتات ۽ حيوانات جي ماحولياتي حالتن ڪي تبديل نه ڪندو. البته ڊگهي عرصي تائين هلڻ سان بهتري اچي ويندي. جيتوڻيڪ ٺيڪيدار لاءِ ضروري آهي ته رپورٽ ۾ هدايت ڪيل اپائن تي سختي سان عمل ڪري.

ممڪن منفي اثرن کان بچي سگهجي ٿو جيئن گاڏين ۽ مشينن مان دونهين جي اخراج کي گهٽائڻ لاءِ مناسب جاچ ۽ سار سنڀال ، ڳري مشينن جي شورکا بچڻ لاءِ آواز دٻائڻ وارن اوزارن/مفلرن جو استعمال، ڪچن روڊن کي پاڻي ڏيڻ، تعميراتي ڪچري جي منفي اثرن کان بچاءَ لاءِ ان جي مناسب سنڀال ۽ جلدي هٽائڻ ذريعي ضابطو آڻڻ، پاڻي جي آلودگي تي ضابطو آڻڻ لاءِ پاڻيءَ کي مناسب طريقي جمع ڪرڻ ۽ تيل سبب ضايع ٿيل پاڻيءَ جي سائيٽ تي صفائي /ٽريٽمنٽ، رهائش جي گندگي کي مناسب طريقي ۽ مسلسل ضايع ڪرڻ لاءِ گڏ ڪرڻ شامل آهن.

روزگار سان لاڳاپيل صحت ۽ حفاظت جي مسلسل چڪاس يقيني بڻائي ويندي ته جيئن بيمارين ۽ حادثن کان بچيو وڃي. مزدورن ۽ ڳوٺاڻن کي آگاهي ڏني ويندي، صفائي جا اپاءَ/طريقيڪار، هنگامي انتظام ۽ بچاءَ جا طريقا، صفائي جون مناسب سهولتون مهيا ڪرڻ، پيئڻ جو پاڻي ۽ ڪچري دان مزدورن کي ڏنا ويندا. ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي رٿا ۾ بيان ڪيل احتياطي اپائن جي اجراء کانپوءِ ذيلي منصوبن جي علائقي جي ماحول تي ظاهري، حياتياتي ، سماجي ۽ معاشي ڪي خاص منفي ۽ ديرپا اثر ڪونه ٿيندا. ان بجاءِ اتي مثبت اثر ٿيندا جيڪي ديرپا هوندا جنهن جي نتيجي علائقي ۾ پائيدار ترقي ٿيندي.

ان سان گڏ هي مخصوص طور ادارن طرفان ڪيل انتظامن جهڙوڪ اثر گهٽائڻ لاءِ احتياطي اپاءَ وٺڻ ۽ انهن جي نگراني ڪرڻ ، عملي جي صلاحيت وڌائڻ ۽ فيلڊ اسٽاف کي سکيا ڏيڻ، عمل درآمد ۽ قيمت جو ڪاٿو ۽ شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪار بابت بيان ڪري ٿو. ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي رٿا جي حصو هوندي واسطيدارن خاص طور مقامي ماڻهن سان مشاورت ڪئي وئي.

اثرن گهٽائڻ جي رٿا جي عملدرآمد جاچڻ لاءِ باقاعده ۽ پراثر حفاظتي نگراني ڪئي ويندي. اها 3 سطحن تي ٿيندي، منصوبي جي انتظامي ٽيم (پي ايم ٽي) جي سطح تي، ماحولياتي ۽ سماجي ماهر اثرن گهٽائڻ لاءِ منصوبن تي صحيح نموني عملدرآمد ٿيڻ جي حفاظتي نگراني کي يقيني بڻائيندا ۽ روزانه منصوبي جي علائقي جو دورا ڪندا. ٻيون فيلڊ جي سطح تي

منصوبي جي ڪنسلٽنٽ جو عملو (پي،آئي،ايس.ايس.سي) مسلسل نگراني ڪندو، ۽ ٽيون منصوبي جي انتظامي ٽيم ،پي،آئي،ايس.ايس.سي ۽ ماحوليات ۽ سماجي اتنظامن جو يونٽ ( اِس.ايس.ايم.يو) ، ماحوليات ۽ سماجي انتظامن جي پلان تي عملدرآمد بابت ماهوار، ٽه ماهي ۽ ساليانون رپوٽون ڏاهيندا.

ايس آر پي منصوبي ۽ موجوده اي ايس ايم پي کي عمل ۾ آڻڻ جي سڄي ذميداري پي ايم ٽي، سنڌ آبپاشي کاتي تي اچي ٿي، جنهن جي اڳواڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪندو. پي ايم ٽي سان ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جو يونٽ سهڪار ڪندو جيڪو ٽيم اندرئي ٺهيل آهي. پي ايم ٽي منصوبي جي ڪنسلٽنٽس کي پڻ تعميراتي نگراني جو ذمو ڏنو آهي.
پي آئي ايس ايس سي ۾ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر شامل آهن جيڪي اي ايس ايم پي جي عملدرآمد جي نگراني ڪندا. آخر ۾ تعميراتي ٺيڪيدار وٽ ماحولياتي ۽ سماجي آفيسر هوندا جيڪي اثرن کي گهٽائڻ وارن طريقيڪار ۽ اي ايس ايم پي ۾ موجود بين واضع ڪيل گهرجن تي عملدرآمد ڪرائين.ان مقصد لاءِ تعميراتي معاهدي ۾ مخصوص شرط شامل ڪيا ويندا. پروجيڪٽ مئنجمنٽ ٽيم ماحولياتي ۽ سماجي نگراني ۽ جائزي جا ڪنسلٽنٽ پڻ شامل ڪيا آهن جيڪي ٽين ڌر بڻجي ذيلي منصوبن جي سرگرمين جي تصديق ۽ خارجي نگراني ڪندا .
اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته مٽي ڌنل 6 ڊيمن جي تعمير لاءِ اٽڪل 56 وڻ ڪٽبا يا انهن جي جڳهه تبديل ڪئي ويندي. موجوده وڻن کان 5 دفعا وڌيڪ وڻ پوکڻ لاءِ 0.28 ملين روپيه خرچ ٿيندا جنهن ۾ هڪ وڻ جي قيمت /1000 روپيه رکي وئي آهي. جيڪا -/44،308،440 روپين کي شامل ڪندي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي رٿا جي لاءِ عملدرآمد جي بجيٽ رکي وئي آهي.